SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1987

SINDHACT NO.IV OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1987

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1987

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ ترميم

Amendment in sub section (2) of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعہ 58_A جو اضافو

Insertion of section 58_A in Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس I جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance I of 1987

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1987

SINDHACT NO.IV OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1987

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1987

[3 جون 1987]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ذيلي

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 10 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ

هيٺيان شرطيه بيان شامل ڪيا ويندا:

"بشرطيڪ وڏيڪ تہ دفعہ 58 تحت ڪائونسل جي خاتمي تي، ڪائونسل جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل شخص يا اختياري دفعہ 58_A مقرر ڪيل ايڊوائزري ڪميٽي جي ڪنهن ميمبر کي مقرر ڪري سگهي ٿي يا جتي اهڙي ڪا ڪميٽي مقرر ڪيل ناهي، تہ ڪو ٻيو شخص ڪنهن يا وڏيڪ پئنچائتن جو چيئرمين مقرر ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ اهو بہ تہ اقليتي برادري جي پئنچائت جو چيئرمين اقليتي برادري جو ميمبر هوندو.

3. چاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 58 کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:

(ايڊوائيزري ڪميٽي)

"58_A. (1) جتي دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (2) تحت ڪو شخص يا اختياري مقرر ڪئي وڃي ٿي، حڪومت اهڙي شخص يا اختياري جي مشوري لاءِ اهڙن ميمبرن تي مشتمل ايڊوائيزري ڪميٽي مقرر ڪري سگهي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) ايڊوائيزري ڪميٽي اهڙي وقت ۽ اهڙي طريقي گڏجاڻي ڪندي جيئن اهو شخص يا اختياري مناسب سمجهي.

(3) ايڊوائيزري ڪميٽي جو ميمبر حڪومت جي خوشنودي تائين عهدو رکي سگهي ٿو ۽ اهو پنهنجي ميمبر شپ تان

دفعہ (2) ۾ ترميم

Amendment in sub section (2) of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعہ 58_A جو اضافو

Insertion of section 58_A in Sindh Ordinance XII of 1979

حڪومت کي ليٽر ذريعي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

4. سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	1987 جي سنڌ آرڊيننس I جي منسوخي Repeal of Sindh Ordinance I of 1987

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.